# ايلاف

# سنڌي درسي ڪتاب

ٻئين ڪلاس لاءِ

## ٽيچر گائيڊ

ليکڪ/ سهيڙيندڙ

ابو عبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®

ڪراچي، سکر، لاهور

KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436
SCIENCE PUBLICATIONS
mehran_series@yahoo.com



فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | سائينءَ جي ساراهہ (حمد) | 03 |
| 02 | اسان جا نبي سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 07 |
| 03 | نماز | 10 |
| 04 | نعتِ رسولِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 12 |
| 05 | حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي بهادري | 15 |
| 06 | قائد اعظم محمد علي جناح | 18 |
| 07 | ماءُ (بيت) | 21 |
| 08 | يوم آزادي | 25 |
| 09 | ڪينجهر ڍنڍ | 27 |
| 10 | عيد جو ڏينهن | 29 |
| 11 | پيارا پاڪستان (بيت) | 31 |
| 12 | ڳوٺ جو سير | 34 |
| 13 | علامہ اقبال رحمة الله عليه | 37 |
| 14 | سِڄُ | 39 |
| 15 | پڄ پرولي (بيت) | 42 |
| 16 | ٻوٽا ۽ ٻاڄيون | 45 |
| 17 | صحت ۽ صفائي | 47 |
| 18 | نصيحت ڀريا ٻول | 50 |
| 19 | تصويري ڪهاڻي | 52 |
| 20 | دعا (بيت) | 54 |

سبق پهريون

## سائين جي ساراهه (حمد)

منهنجا منــڙا الله ســائين،
سـيـني جا تـو عـرض اگهـائين،
عــرش متـــي تــارا ٽمڪـائين،
وڻ ٽــڻ گــل ٻوٽـا ٻهڪــائين

منهنجا منڙا الله سائين

حوالو: هي شعر سائينءَ جي ساراهه "حمد" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي منهنجا الله سائين تون سيني جا عرض ٻڌين ٿو. متي آسمان ۾ تارا به تون ٽمڪائين ٿو. هي وڻ ٽڻ، گل، ٻوٽا تون ئي پيدا ڪيا آهن.

ڏنــيون ڍورا واهـــ وهــائين،
ڪڪرن مان تـو ميـنهن وسائين،

منهنجا منڙا الله سائين

حوالو: هي شعر سائينءَ جي ساراهه "حمد" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي الله سائين تون واهه، ڏنڍيون وهائين ٿو ۽ ڪڪرن مان مينهن به وسائين ٿو.

پنهنجـي قـدرت سـان تـون سـائين
بــر تــر ۾ تــو رنــگ رچـائين

منهنجا منڙا الله سائين

حوالو: هي شعر سائينءَ جي ساراهه "حمد" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي الله تون پنهنجي قدرت سان برپٽ بيابان ۾ به رونقون مچائين ٿو.



بــاغن ۾ گــل ڦــل جهومـائين،
انـب، انگـور، انجيـر پچـائين،

منهنجا منڙا الله سائين

حوالو: هي شعر سائينءَ جي ساراهه "حمد" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هـن شعر ۾ شاعر چوي ٿـو ته اي الله تـون بـاغن ۾ گـل ڦـل ميوا، انب، انگور، انجير وغيره پيدا ڪرين ٿو.

ڪڻڪ، مٽر، جَوَ، جُوئر، ٻاجهر،
قســمين قســمين اَن اُپــائين،

منهنجا منڙا الله سائين

حوالو: هي شعر سائينءَ جي ساراهه "حمد" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿـو ته اي الله سائين تون ئي قسمين قسمين اناج پيدا ڪرين ٿو جيئن ڪڻڪ، مٽر، جَوَ، جوئر، ٻاجهر وغيره.

ٻاجهــ ڪــري سـيني تـي سـائين
تـون تـن کـي منـزل تـي رسـائين

منهنجا منڙا الله سائين

حوالو: هي شعر سائينءَ جي ساراهه "حمد" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هـن شـعر ۾ شـاعر چـوي ٿـو ته اي منهنجـا الله سـائين تـون پنهنجي رحمت سان سيني کي پنهنجي منزل تي پهچاءِ.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| عرض | گذارش | اگهائين | قبول ڪرين |
| بر | بيابان | ٻاجهه | رحم |
| عرش | آسمان | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: سيني جا عرض ڪير تو اگهائي؟

جواب: سيني جا عرض الله سائين تو اگهائي.

سوال2: تارا ڪٿي ٽمڪندا آهن؟

جواب: تارا آسمان ۾ ٽمڪندا آهن.

سوال3: هن بيت ۾ کهڙن کهڙن ميون ۽ اناج جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

جواب: هن بيت ۾ انب، انگور، انجير، ڪٽڪ، مٽر، جَوَ، جوئر، ٻاجهر وغيره جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

سوال4: ڪنهن جي ٻاجهه سان منزل ملندي آهي؟

جواب: الله سائين جي ٻاجهه سان منزل ملندي آهي.

**(ج) هيٺين لفظن جي صورتخطي درست ڪري لکو.**

ارش **عرش** باگن **باغن** غل ڦل **گل ڦل**

ڪدرت **قدرت** انغور **انگور**

**(د) هيٺ ڏنل لفظن جا پهريان آواز بدلائي نوان لفظ ٺاهيو.**

جيئن: عرض - قرض

عرش **فرش** رنگ **ڍنگ**

ٻهڪائين **مهڪائين** مينهن **شينهن**



**(ه) هيٺيان خال ڀريو.**

1. سيني جا تو **عرض** اگهائين.
2. عرش مٿي **تارا** ٽمڪائين.
3. پنهنجي **قدرت** سان تون سائين.
4. بر تر ۾ تو **رنگ** رچائين.

سبق ڇهون

# اسان جا نبي سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خاندان | ڪٽنب | وفات | مري وڃڻ |
| شفقت | رحمدلي | بت پرستي | بتن جي پوڄا ڪرڻ |
| ورهين | سالن | پيغام | نياپو |
| بندگي | عبادت | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي والد جو نالو ڇا آهي؟
جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي والد جو نالو حضرت عبدالله آهي.
سوال2: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي والد ڪڏهن وفات ڪئي؟
جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي والد سندن جنم کان ٽي مهينا اڳ وفات ڪئي.
سوال3: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي والده جونالو ڇا آهي؟
جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي والده جو نالو حضرت بيبي آمنه آهي.
سوال4: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي امڙ ڪڏهن وفات ڪئي؟
جواب: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جڏهن پاڻ سڳورا 6 سالن جا ٿيا ته سندن امڙ جي وفات ٿي.
سوال5: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟
جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي ڏاڏي جو نالو عبدالمطلب آهي.
سوال6: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ ڪهڙي شهر ۾ ڄاوا؟
جواب: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ مڪي شريف ۾ ڄاوا.
سوال7: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ ماڻهن سان ڪهڙي نموني هلندا هئا؟
جواب: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ ماڻهن سان پيار ۽ محبت سان هلندا هئا.



سوال8: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ ڪنهن جو پيغام ڏنو؟
جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ الله تعاليٰ جو پيغام ڏنو.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. اسان جا نبي سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ ڄاوا.
   ✓ (i) مڪي شريف ۾ (ii) مديني شريف ۾
   (iii) ڪعبة الله ۾
2. والده جي وفات کانپوءِ ڪين سندن ________ نپايو.
   (i) چاچي ✓ (ii) ڏاڏي (iii) ناني
3. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ نفرت ڪندا هئا.
   (i) واپار کان ✓ (ii) بت پرستيءَ کان
   (iii) دوستيءَ کان
4. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کي نبوت ملي.
   (i) 30 سالن جي عمر ۾ (ii) 35 سالن جي عمر ۾
   ✓ (iii) 40 سالن جي عمر ۾
5. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ رحمت آهن.
   (i) جانورن لاءِ (ii) پکين لاءِ ✓ (iii) سڀني جهانن لاءِ

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| مرڻ | جيئڻ | نفرت | محبت |
| ٻار | ٻڍو/ وڏو | دنيا | آخرت |
| سکيو | ڏکيو | رحمدل | ظالم |

**(هه) هيٺين خال ڀريو.**


1. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي **سلڇڻا** هئا.
2. پاڻ **مڪي شريف** ۾ ڄاوا هئا.
3. سندن خاندان **بني هاشم** هو.
4. پنهنجي يتيم ڀائٽي جي **اولاد** کان به وڌيڪ خدمت ڪيائين.

5. هڪ خدا جي بندگي ڪن.
6. پاڻ هميشہ سچ ڳالهائيندا هئا.
7. ننڍي هوندي کان ئي سٺين عادتن جا مالڪ هئا.
8. راند روند ۾ پنهنجو وقت نہ وڃائيندا هئا.

**(و) ياد رکو:**

- ➢ حضور ﷺ جن جي والده جو نالو حضرت بيبي آمنہ آهي.
- ➢ حضور ﷺ جن جي والد جو نالو حضرت عبدالله آهي.
- ➢ پاڻ قريش قبيلي جي بني هاشم خاندان مان آهن.
- ➢ پاڻ سڳورا ﷺ اٺن سالن جا هئا تہ سندن ڏاڏو حضرت عبدالمطلب وفات ڪري ويو.
- ➢ نبي ڪريم ﷺ جن ننڍي هوندي کان ئي سلڇڻا، رحمدل ۽ سچار هئا.

**(ز) سجاڳو ۾ رنگ ڀريو:**



روضۂ رسول ﷺ　　ڪعبة الله شريف



سبق ٽيون

# نماز

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| باربار | هر هر | فرمايو | چيو، حڪم ڪيو |
| پائيپي | برادري | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: دين اسلام جو ٻيو رڪن ڪهڙو آهي؟

جواب: دين اسلام جو ٻيو رڪن نماز آهي.

سوال2: روزانو ڪيترا ڀيرا نماز پڙهڻ فرض آهي؟

جواب: روزانو پنج ڀيرا نماز پڙهڻ فرض آهي.

سوال3: نماز جي باري ۾ پاڻ سڳورن ﷺ ڇا فرمايو آهي؟

جواب: نماز بابت پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو آهي تہ نماز منهنجي اکين جو ٺار آهي.

سوال4: نماز پڙهڻ جا ڪهڙا فائدا آهن؟

جواب: نماز پڙهڻ سان جسم پاڪ صاف ۽ چست توانو رهي ٿو.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. نماز دين جو اسلام جو رڪن آهي:

(i) پهريون　(ii) ٻيو ✓　(iii) ٽيون

2. نماز پڙهڻ اسان تي آهي:

(i) فرض ✓　(ii) قرض　(iii) مرض

3. نماز پڙهڻ سان جسم رهي ٿو:

(i) ميرو ڳدلو　(ii) پاڪ صاف ✓　(iii) بيمار

4. جماعت سان نماز پڙهڻ سان ثواب ملي ٿو:

(i) گهٽ　(ii) وڌيڪ ✓　(iii) ٿورو

(د) **هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

جيئن: مسجد - مسجدون

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| نماز | نمازون | خبر | خبرون |
| تصوير | تصويرون | قبر | قبرون |
| ڍنڍ | ڍنڍون | | |


(ھ) **نماز بابت ٽي جملا لکو.**

نماز هر مسلمان تي فرض آهي.

نماز پڙهڻ سان انسان صاف سٿرو ۽ پاڪ رهي ٿو.

نماز پڙهڻ واري سان الله سائين راضي رهي ٿو.

(و) **رنگ ڀريو:**





سبق چوٿون

# نعت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

سچ جي راهه ٻڌائڻ وارو،
هيٺن کي همٿائڻ وارو.

حوالو: هن شعر "نعت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو شان بيان ڪندي چوي ٿو ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سچ جي راهه ٻڌائڻ وارا هئا ۽ ڪمزورن جي همت ٻڌائڻ وارا هئا.

آيو اونداهي دنيا ۾،
حق جي جوت جلائڻ وارو.

حوالو: هن شعر "نعت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو شان بيان ڪندي چوي ٿو ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ دنيا جي اونداهيءَ ۾ حق جي روشني ٻڌجي آيا.

مسڪينن سان الفت جنهن جي،
سڀ کي سيني لائڻ وارو.

حوالو: هن شعر "نعت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو شان بيان ڪندي چوي ٿو ته نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي مسڪينن سان پيار هوندو هو ۽ پاڻ هر ڪنهن جي دل جوئي ڪندا هئا.

مجبورن ۽ مظلومن کي،
پيار ڏئي پرچائڻ وارو.

حوالو: هن شعر "نعت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم ﷺ جو شان بيان ڪندي چوي ٿو تہ پاڻ سڳورا ﷺ غريبن، بي سهارا، مجبور، لاچار ۽ مظلومن لاءِ سهارو ۽ آٿت ڏيڻ وارا هئا.

ذات ، قبيلي ، رنگ ، نسل جا
سارا فرق متائڻ وارو.

حوالو: هن شعر "نعت رسول"ﷺ مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم ﷺ جو شان بيان ڪندي چوي ٿو تہ نبي اڪرم ﷺ جن رنگ، نسل،ذات ۽ قبيلي جي فرقن کي متائي ڇڏيو.

حامي، هادي، مير محمد ﷺ ،
مولا ساڻ ملائڻ وارو.

حوالو: هن شعر "نعت رسول"ﷺ مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم ﷺ جو شان بيان ڪندي چوي ٿو تہ نبي اڪرم ﷺ غريبن جا حامي، رستو ڏيکاريندڙ ۽ رب پاڪ سان ملائيندڙ هئا.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| راهہ | رستو | هيٺن | ڪمزورن |
| الفت | محبت | جوت | روشني |
| حامي | حمايت ڪندڙ | هادي | هدايت ڏيندڙ |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: سچ جي راهہ ٻڌائڻ وارو ڪير آهي؟

جواب: سچ جي راهہ ٻڌائڻ وارو اسان جو نبي ﷺ آهي.



سوال2: هيٺن جو همراهہ ڪنهن کي چيو ويندو آهي؟

جواب: هيٺن جو همراهہ اسان جي نبي ﷺ کي چيو ويندو آهي.

سوال3: اونداهي دنيا ۾ حق جي جوت ڪنهن جلائي؟

جواب: اونداهي دنيا ۾ حق جي جوت اسان جي نبي ﷺ جلائي.

سوال4: اسان جا نبي سڳورا ﷺ مسڪينن ۽ مظلومن سان ڪيئن هلندا هئا.

جواب: اسان جا نبي سڳورا ﷺ مسڪينن سان پيار ڪندا هئا ۽ مظلومن جو ساٿ ڏيندا هئا.

**(ج) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

جيئن: مظلومُ مظلومَ

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| مجبور | مجبورَ | مسڪينُ | مسڪينَ |
| ميرُ | ميرَ | فرقُ | فرقَ |

**(د) ڪالم ملائي جملا مڪمل ڪريو.**

| ڪالم الف | ڪالم ب |
|---|---|
| سچ جي راهہ | جلائڻ وارو |
| مسڪينن سان | همٿائڻ وارو |
| حق جي جوت | الفت جنهن جي |
| هيٺن کي | ٻڌائڻ وارو |

**(هہ) هيٺيان خال پريو.**

1. سچ جي راهہ ٻڌائڻ وارو.
2. آيو اونداهي دنيا ۾.
3. مسڪينن سان الفت جنهن جي.
4. پيار ڏئي پرچائڻ وارو.

سبق پنجون

# حضرت علي ڪرم اللهوجههٗ جي بهادري

### مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| پرورش | پالنا | رضا | مرضي |
| ڪُنبي | لرزجي | گستاخي | بي ادبي |
| لڄي | شرمائجي | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جن نبي سڳورن ﷺ جا ڇا ٿيندا هئا؟

جواب: حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جن نبي سڳورن ﷺ جا سڳا ۽ پيارا سوٽ هئا.

سوال2: پاڻ ڪهڙي شهر ۾ ڄاوا هئا؟

جواب: پاڻ مڪي شريف ۾ ڄاوا هئا.

سوال3: حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جو نڪاح ڪنهن سان ٿيو؟

جواب: حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جو نڪاح پاڻ سڳورنﷺ جي پياري نياڻي حضرت بيبي فاطمه رضي الله عنها سان ٿيو

سوال4: حضرت امام حسن رضي الله عنه ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنه ڪنهن جا پٽ هئا؟

جواب: حضرت امام حسن رضي الله عنه ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنه حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جا پٽ هئا.

سوال5: حضرت علي ڪرم الله وجههٗ ڇا جي ڪري مشهور هئا؟

جواب: حضرت علي ڪرم الله وجههٗ بهادريءَ جي ڪري مشهور هئا.



سوال6: حضرت علي ڪرم الله وجههٗ ڪنهن جي رضا لاءِ وڙهي رهيو هو؟

جواب: حضرت علي ڪرم الله وجههٗ الله جي رضا لاءِ وڙهي رهيو هو.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. حضرت علي ڪرم الله وجهه اسان جي پياري نبي ﷺ جن جا هئا.
(i) دوست (ii) ڀاءُ (iii) سوٽ ✓

2. سندن والد جو نالو آهي.
✓ (i) ابو طالب (ii) عبدالمطلب (iii) عبدالمناف

3. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ ____ عمر ۾ اسلام قبول ڪيو.
✓ (i) ننڍي (ii) وڏي (iii) پوئين

4. پاڻ سڳورن ﷺ جن پنهنجي پياري نياڻي ______ سندن نڪاح ۾ ڏني.
(i) حضرت بيبي ام ڪلثوم رضہ (ii) حضرت بيبي رقيہ رضہ
✓ (iii) حضرت بيبي فاطمہ رضہ

5. ڪافر سندن نالو ٻڌي ______ ويندا هئا.
(i) ڀڄي ✓ (ii) ڪنبي (iii) پاسو ڪري

**(د) اکر ملائي لفظ ٺاهيو:**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ذ | ا | ت | ي | ذاتي |
| ب | ه | ر | و | <u>بهرو</u> |
| د | ش | م | ن | <u>دشمن</u> |
| ح | ي | را | ن | <u>حيران</u> |
| د | س | ي | و | <u>دسيو</u> |
| س | ي | ن | ي | <u>سيني</u> |

**(هه) هيٺيان خال ڀريو.**

1. حضرت علي ڪرم الله وجههٔ جن ننڍڙي عمر ۾ ئي **اسلام** قبول ڪيو.
2. حضرت علي ڪرم الله وجههٔ جن ڏاڍا **بهادر** هئا.
3. سندن بهادريءَ جا ڪيترائي **قصا** مشهور آهن.
4. سندن هر جنگ الله جي **رضا** لاءِ هئي.
5. اهو ٻُڌي ڪافر ڏاڍو **لڄي** ٿيو.

**(و) پڙهو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

سندس = هن جي، ان جي ڪانئس = هن کان

ڪيس = هن کي، ان کي ڪانئن = هنن کان، انهن کان

**سندس:** حضرت بيبي فاطمه **سندس** گهر واري هئي.

**ڪيس:** نبي اڪرم ﷺ **ڪيس** پنهنجي پياري نياڻي نڪاح ۾ ڏني.

**ڪانئس:** اسلم جي والد **ڪانئس** ڪم نہ ڪرڻ جو سبب پڇيو.

**ڪانئن:** استاد **ڪانئن** اسڪول کان گسائڻ جو سبب پڇيو.

**(ز) هاڪاري ۽ ناڪاري جملا پڙهو:**

| هاڪاري جملا | ناڪاري جملا |
|---|---|
| هيءُ قلم منهنجو آهي. | هيءُ قلم منهنجو نہ آهي. |
| مان سبق پڙهان ٿو. | مان سبق نہ پڙهان ٿو. |
| هي پاڻي ٿڌو آهي. | هي پاڻي ٿڌو نہ آهي. |
| اهي راند ڪيڏن ٿا. | اهي راند نہ ڪيڏن ٿا. |



سبق ڇهون

# قائداعظم محمد علي جناح

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ولايت | ٻاهرين ملڪ | شوق | چاهہ |
| ڏاهپ | سياڻپ | لڳاتار | مسلسل |
| ڄمار | عُمر | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو .**

سوال1: قائداعظم شروع ۾ ڪٿي تعليم حاصل ڪئي؟

جواب: قائداعظم شروع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪئي.

سوال2: تعليم پوري ڪرڻ بعد قائداعظم ڪهڙو ڌنڌو اختيار ڪيو؟

جواب: تعليم پوري ڪرڻ بعد قائداعظم وڪالت جو ڌنڌو اختيار ڪيو.

سوال3: قائداعظم ڪهڙو ملڪ حاصل ڪيو؟

جواب: قائداعظم پاڪستان ملڪ حاصل ڪيو.

سوال4: قائداعظم قانون جو امتحان ڪٿان پاس ڪيو؟

جواب: قائداعظم قانون جو امتحان ولايت مان پاس ڪيو.

سوال5: قائداعظم جو سچو نالو ڇا آهي؟

جواب: قائداعظم جوسچو نالو قائداعظم محمد علي جناح آهي.

سوال6: قائداعظم ماءُ کي ڪهڙو جواب ڏنو هو؟

جواب: قائداعظم ماءُ کي جواب ڏنو تہ جيڪڏهن محنت نہ ڪندس تہ وڏو ماڻهو ڪيئن ٿيندس.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. قائداعظم محمد جناح اسان جي ملڪ ________ جو بنياد وڌو.
(i) انگلستان (ii) تاجڪستان ✓ (iii) پاڪستان
2. قائداعظم ________ شهر ۾ ڄائو.
(i) لاڙڪاڻي ✓ (ii) ڪراچي (iii) لاهور
3. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد وڌيڪ تعليم لاءِ هو ________ پڙهڻ ويو.
(i) جرمني (ii) افغانستان ✓ (iii) انگلستان
4. قائداعظم وقت تي ________ ويندو هو.
✓ (i) اسڪول (ii) اسپتال (iii) گهر
5. قائد اعظم جي معنيٰ آهي:
(i) وڏو آفيسر (ii) وڏو ماڻهو ✓ (iii) وڏو اڳواڻ

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سک | ڏک | آزادي | غلامي |
| ننڍو | وڏو | محبت | نفرت |
| سنو | خراب | | |

**(هه) صحيح جواب جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

1. قائد اعظم محمدعلي جناح ڪراچيءَ ۾ ڄائو هو. (✓)
2. هن شروعاتي تعليم ولايت مان حاصل ڪئي. (✗)
3. قائد اعظم پياري وطن جي ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو. (✓)
4. سندس وفات مهل عمر 73 سال هئي. (✓)
5. سندس مقبرو لاهور ۾ آهي. (✗)



**(و) هيٺيان خال ڀريو.**

1. قائداعظم ولايت مان **قانون** جو امتحان پاس ڪيو.
2. قائداعظم شروعاتي تعليم **ڪراچي** مان حاصل ڪئي.
3. هن جي ڪوشش سان اسان کي انگريزن کان **آزادي** ملي.
4. سندس خدمت عيوض قوم کيس **قائداعظم** جو لقب ڏنو.
5. هن جو **مقبرو** ڪراچيءَ ۾ آهي.

**(ز) مناسب لفظ لڳائي جملا مڪمل ڪريو:**

1. آءُ هڪ شاگرد / شاگردياڻي **آهيان**. (آهي، آهن، آهيان)
2. هي اسان جو اسڪول **آهي**. (آهي، آهن، آهيان)
3. اُهي شاگرد **آهن**. (آهي، آهن، آهيان)

سبق ستون

## ماءُ (بيت)

جيجل مون کي لولي ڏي تون،
منڙي منڙي ننڊ ڪيان مان.

حوالو: هي شعر بيت "ماءُ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي امان تون مون کي لولي ڏئي ته جيئن مان منڙي ننڊ ڪيان.

توکي ڏسي من مرڪي منهنجو،
مون کي ڏاڍو چين ملي ٿو.

حوالو: هي شعر بيت "ماءُ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي امان توکي ڏسي منهنجو من مرڪي پوي ٿو ۽ مون کي ڏاڍو سڪون ملندو آهي.

تنهنجي هنج هندورو آهي،
هر ڪوئي ٿو ان کي چاهي.

حوالو: هي شعر بيت "ماءُ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي امان تنهنجي گود پينگهو آهي ان کي هر هڪ چاهيندو آهي.

تنهنجي پيار ۾ آئون سک لهان ٿو،
سهڻن خوابن منجهه رهان ٿو.

حوالو: هي شعر بيت "ماءُ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.



تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي امان تنهنجي پيار ۾ مون کي سک ملي ٿو ۽ مان سهڻن خوابن ۾ رهندو آهيان.

ٻول منا تنهنجا ٻاجهارا،
تنهنجون دعائون جيڏا تارا.

حوالو: هي شعر بيت "ماءُ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي امان تنهنجا ٻول ڏاڍا منڙا ۽ ٻاجهارا آهن ۽ تنهنجون دعائون تارن وانگر بي شمار آهن.

تنهنجي پيرن هينان جنت،
شال ڪيان مان تنهنجي خدمت.

حوالو: هي شعر بيت "ماءُ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي امان تنهنجي پيرن هيٺيان جنت آهي ڪاش مان تنهنجي خدمت ڪندو رهان.

تنهنجي ڪهڙي عظمت ڳايان،
بعد خدا جي توکي پائيان.

حوالو: هي شعر بيت "ماءُ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي امان تنهنجو ڪهڙو شان بيان ڪيان الله سان گڏ تنهنجي عزت به تمام گهڻي آهي.

### مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مرڪي | ڪلي | مَنُ | دل |
| چين | سڪون | هندورو | پينگهو |
| ٻول | لفظ | عظمت | شان |
| پانيان | سمجهان | منجهه | ۾ |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ننڊ ڪرائڻ لاءِ لولي ڪير ڏيندي آهي؟
جواب: ننڊ ڪرائڻ لاءِ لولي امڙ ڏيندي آهي.
سوال2: سڀ کان گهڻو چين ڪٿي ملي ٿو؟
جواب: سڀ کان گهڻو چين ماءُ جي هنج ۾ ملي ٿو.
سوال3: ڪنهن جي هنج هندورو آهي؟
جواب: ماءُ جي هنج ۾ هندورو آهي.
سوال4: اسان لاءِ دعائون ڪير گهرندي رهندي آهي؟
جواب: اسان لاءِ دعائون امڙ گهرندي رهندي آهي.
سوال5: جنت ڪنهن جي پيرن هيٺان آهي؟
جواب: جنت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي.

**(ج) بيت مان ساڳين آوازن وارا لفظ ڳوليو.**

جيئن: لهان - رهان

آهي __ چاهي     ٻاجهارا __ تارا
جنت __ خدمت     ڳايان __ پانيان



**(د) اکر ملائي لفظ ٺاهيو:**

ل و ل ي **لولي**
ا م ا ن **امان**
ڪ ن ه ن **ڪنهن**
س ه ڻ ن **سهڻن**
پ ي ر ن **پيرن**
ع ظ م ت **عظمت**

**(ه) مناسب لفظ لڳائي جملا مڪمل ڪريو.**

1. اسين اسڪول وڃون ٿا. (ٿو، ٿا، ٿي)
2. هوءَ راند ڪيڏي ٿي. (ٿو، ٿا، ٿي)
3. احمد صوف کائي ٿو. (ٿو، ٿا، ٿي)

**(و) ٽٻڪا ملائي رنگ ڀريو:**



سبق اٺون

# يوم آزادي

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قائم | نهڻ / برقرار | بندوبست | انتظام |
| ڀهڪي | خوش ٿئي | عمارتن | جاين |
| سرهي | خوش | ٿمٿار | پريل |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: پاڪستان ڪڏهن قائم ٿيو؟

جواب: پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي قائم ٿيو.

سوال2: اسان جي آزادي جو ڏينهن ڪهڙو آهي؟

جواب: اسان جي آزادي جو ڏينهن 14 آگسٽ آهي.

سوال3: توهان پنهنجي اسڪول ۾ جشن آزادي ڪيئن ملهائيندا آهيو؟

جواب: اسين پنهنجي اسڪول ۾ جشن آزادي شاندار نموني ملهائيندا آهيون. جهنڊا لڳائيندا آهيون ۽ قومي ترانا ڳائيندا آهيون.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. ________ اسان جو ملڪ آهي.
(i) سنڌ (ii) پنجاب ✓ (iii) پاڪستان

2. پاڪستان قائم ٿيو.
(i) 1847ع ۾ ✓ (ii) 1947ع ۾ (iii) 2047ع ۾

3. سيئي ٻار ڪٿي گڏ ٿيا هئا؟
(i) ميدان ۾ ✓ (ii) هال ۾ (iii) آفيس ۾

4. هي ملڪ حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي ____ قربانيون ڏنيون.
(i) ٻارن (ii) شاگردن ✓ (iii) بزرگن



5. هر طرف قومي نغما ۽ گيت گرمائي رهيا هئا.
(i) هٽن ڪي (ii) پيرن ڪي ✓ (iii) دلين ڪي

**(د) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

1. پاڪستان 1948ع تي قائم ٿيو. (✗)
2. 14 آگسٽ اسان جي آزادي جو ڏينهن آهي. (✓)
3. اسان هر سال اهو ڏينهن تمام سٺي نموني ملهائيندا آهيون. (✓)
4. گهٽين بازارين ۽ عمارتن کي سينگاريو ويندو آهي. (✓)
5. ٻارن کي پروگرام ۾ تمام گهڻو مزو آيو. (✓)

سبق نائون

# ڪينجهر ڍنڍ

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ماڳ مڪان | جايون | قديم | پراڻو |
| معمار | ٺاهيندڙ | سوڀيا | سونهن |
| سيرت | سنا اخلاق | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ڪينجهر ڍنڍ ڪٿي آهي؟
جواب: ڪينجهر ڍنڍ ٺٽي شهر ۾ آهي.
سوال2: ڪينجهر ڍنڍ سنڌ صوبي ۾ مٺي پاڻي جي ڪهڙو نمبر ڍنڍ آهي؟
جواب: ڪينجهر ڍنڍ سنڌ صوبي ۾ مٺي پاڻي جي ٻيو نمبر ڍنڍ آهي.
سوال3: ڪهڙي شهر کي هن ڍنڍ مان مٺو پاڻي ملندو آهي؟
جواب: ڪراچي شهر کي هن ڍنڍ مان مٺو پاڻي ملندو آهي.
سوال4: ڪينجهر ڍنڍ جي وچ ۾ ڪنهن جي قبر آهي؟
جواب: ڪينجهر ڍنڍ جي وچ ۾ نوري جي قبر آهي.
سوال5: نوري ذات جي ڪير هئي؟
جواب: نوري ذات جي مهاڻي هئي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. ڪينجهر ڍنڍ ______ شهر ۾ آهي.
(i) سکر (ii) ڪراچي ✓ (iii) ٺٽي
2. دنيا جو وڏي ۾ وڏو قبرستان ________ آهي.
✓ (i) سونڊا (ii) بکر (iii) موهن جو دڙو



3. ڪينجهر ڍنڍ ويڪري آهي.
(i) 24 ڪلوميٽر (ii) 26 ڪلو ميٽر
✓ (iii) 6 ڪلوميٽر
4. نوري ذات جي ________ هئي.
(i) سومرو (ii) پٺو ✓ (iii) مهاڻي
5. ڪينجهر ڍنڍ آهي:
(i) گندي پاڻي جي ✓ (ii) مٺي پاڻي جي
(iii) کاري پاڻيءَ جي

**(د) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| قبر | قبرون | ڍنڍ | ڍنڍون |
| ماڳُ | ماڳَ | مڪانُ | مڪانَ |
| معمارُ | معمارَ | | |

**(هه) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| قديم | جديد | مشهور | بدنام |
| مٺو | کوڙو | عورت | مرد |
| شهر | ڳوٺ | | |

**(و) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

1. ڪينجهر ڍنڍ مٺي پاڻيءَ جي ڍنڍ آهي. (✓)
2. ڪينجهر ڍنڍ ڪراچيءَ ۾ آهي. (✗)
3. نوري هڪ شهزادي هئي. (✗)
4. ڪينجهر ڍنڍ جي وچ ۾ نوري جي قبر آهي. (✓)
5. ڄام تماچي بادشاهه ڪيس پٽ راڻي ڪري رهايو. (✓)

سبق ڏهون

# عيد جو ڏينهن

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| طعام | کاڌا | سوادي | مزيدار |
| خريد | وٺڻ | شوق | چاهه |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: سال ۾ ڪگهٽيون عيدون ملهايون وينديون آهن؟

جواب: سال ۾ ٻه عيدون ملهايون وينديون آهن.

سوال2: عيدالفطر ڪڏهن ملهائبي آهي؟

جواب: عيدالفطر پهرين شوال تي ملهائبي آهي.

سوال3: فطرو ڪنهن کي ڏبو آهي؟

جواب: فطرو غريبن ۽ مسڪينن کي ڏبو آهي.

سوال4: عيد نماز ڪٿي پڙهبي آهي؟

جواب: عيد نماز عيدگاهه ۾ پڙهبي آهي.

سوال5: ٻار عيد جي خرچيءَ مان ڇا وٺندا آهن؟

جواب: ٻار عيد جي خرچيءَ مان رانديڪا ۽ شيون وٺندا آهن.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. مسلمان ________ جي مهيني ۾ روزا رکندا آهن:

✓ (i) رمضان (ii) شوال (iii) ذوالحج

2. عيد الفطر ملهائي ويندي آهي:

(i) پهرين محرم تي (ii) پهرين رمضان تي

✓ (iii) پهرين شوال تي



3. عيد نماز پڙهبي آهي:

(i) اسڪول ۾ (ii) باغ ۾ ✓ (iii) عيد گاهه ۾

4. عيد جي ڏينهن ٻارن کي ________ ملندي آهي:

(i) محبت (ii) شفقت ✓ (iii) خرچي

5. عيد الفطر تي غريبن ۽ مسڪينن کي ________ ڏبو آهي:

(i) زڪوات ✓ (ii) فطرو (iii) صدقو

**(د) هن سبق مان هيٺ ڏنل اکرن سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳولي لکو.**

جيئن ع : عيد

| | |
|---|---|
| ر <u>رمضان</u> | ش <u>شوال</u> |
| ط <u>طعام</u> | س <u>سوادي</u> |
| غ <u>غريبن</u> | م <u>مسلمان</u> |
| خ <u>خرچي</u> | ف <u>فطرو</u> |

**(هه) اوهان عيد ڪيئن ملهائيندا آهيو ۽ اوهان کي عيد جي ڪهڙي ڳالهه وڌيڪ پسند آهي، لکو.**

اسين عيد جو ڏينهن ڏاڍو خوشي وارو ملهائيندا آهيون نوان ڪپڙا پهريندا آهيون. عيدگاهه تي عيد نماز پڙهڻ ويندا آهيون. مائٽن ڏانهن عيد مبارڪ ڏيڻ لاءِ ويندا آهيون. عيد جي ڏينهن اسان کي خرچي به ملندي آهي. جنهن مان اسان رانديڪا ۽ شيون خريد ڪندا آهيون. اها ڳالهه اسان کي ڏاڍي پسند آهي.

سبق يارهون

# پيارا پاڪستان (نظم)

پيارو آهين ساري جڳ کان پيارا پاڪستان،
تنهنجو مانُ متاهون آهي، تنهنجو آ وڏ شان.

حوالو: هن شعر "پيارا پاڪستان" نظم مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر پنهنجي وطن پاڪستان سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته اي پاڪستان تون اسان کي سموري جڳ کان پيارو آهين تنهنجي عزت تمام گهڻي آهي ۽ تنهنجو تمام وڏو شان آهي.

تنهنجا چارئي صوبا سهڻا، موهن مَن کي تا،
ڪي پي ڪي، پنجاب سمورو، سنڌ، بلوچستان.

حوالو: هن شعر "پيارا پاڪستان" نظم مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي پاڪستان تنهنجا چارئي صوبا سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي سهڻا آهن ۽ دل کي وڻندڙ آهن.

ڪڻڪ مٽر، جَو، جُوئر، ٻاجهر، ڪپهه هتي آ جام،
ڪپڙي، کنڊ، سمينٽ جو آهي چمڙي جو سامان.

حوالو: هن شعر "پيارا پاڪستان" نظم مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته هتي ملڪ پاڪستان ۾ ڪڻڪ، مٽر، جو، جوئر، ٻاجهر، ڪپهه تمام گهڻي آهي. هتي ڪپڙي، کنڊ، سمينٽ ۽ چمڙي جو سامان پڻ آهي.



جيت جڻا ۽ پکي پکڻ سڀ خوش خوش گهارن تا،
سکيو ستابو پنهنجي ديس ۾ گهاري ٿو انسان.

حوالو: هن شعر "پيارا پاڪستان" نظم مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته هتي جيت جڻا، پکي پکڻ وغيره سڀ خوش خوش گذارين تا ۽ هر ماڻهو پنهنجي ديس ۾ سکيو ستايو گذاريندو آهي.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جڳ | دنيا | مانُ | عزت |
| شانُ | عزت | موهن | وڻن |
| مَنُ | دل | جام | گهڻا |
| ديس | ملڪ | گهاري | گذاري |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان کي ساري جڳ کان ڇا پيارو آهي؟
جواب: اسان کي ساري جڳ کان پنهنجو ملڪ پاڪستان پيارو آهي.
سوال2: پاڪستان جا ڪهڙا چار صوبا آهن؟
جواب: ڪي پي ڪي، پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان
سوال3: انسان، جيت جڻا ۽ پکي ڪٿي خوش خوش گذاريندا آهن؟
جواب: انسان، جيت جڻا ۽ پکي پنهنجي پنهنجي ديس يا ملڪ ۾ خوش خوش گذاريندا آهن.

**(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| مٺانهون | هيڻانهون | وڏ | گهٽ |
| خوش | ناخوش | انسان | حيوان |
| جام | ٿورا | | |

**(د) هيٺ ڏنل لفظن جا وچ وارا آواز يا اکر بدلائي نوان لفظ ٺاهيو.**

جيئن: خبر — خچر

قدم — **قلم**


لچڻ — **لکڻ**

چپر — **چٻر**

**(هہ) هن نظم ۾ جن شين جا نالا آيا آهن اهي لکو.**

ڪٽڪ، مٽر، جَو، جوئر، ٻاجهر، ڪپهہ، ڪپڙو، ڪنڊ، سيمنٽ، چمڙو وغيره

**(و) ٽپڪا ملائي رنگ ڀريو.**





سبق ٻارهون

# ڳوٺ جو سير

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڊڪڻ | واڍو | سر بند | سرون ٺاهيندڙ |
| ڪاريگر | هنر مند | پورهيت | مزدور |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب ٻڌايو.**

سوال1: ڪاشف گرميءَ جي موڪلن ۾ ڪيڏانهن ويو؟

جواب: ڪاشف گرميءَ جي موڪلن ۾ پنهنجي دوست آفتاب جي گهر ويو.

سوال2: ٻنيءَ تي ڪهڙو ڪير ڪاهيندو آهي؟

جواب: ٻنيءَ تي هر هاري ڪاهيندو آهي.

سوال3: هاريءَ لاءِ هر ڪير ٺاهيندو آهي؟

جواب: هاريءَ لاءِ هر ڊڪڻ ٺاهيندو آهي.

سوال4: لوهہ جو سامان ڪير ٺاهيندو آهي؟

جواب: لوهہ جو سامان لوهار ٺاهيندو آهي.

سوال5: مٽيءَ مان ٺڪر جا ٿانو ڪير ٺاهيندو آهي؟

جواب: مٽيءَ مان ٺڪر جا ٿانو ڪنير ٺاهيندو آهي.

سوال6: ڳوٺ ۾ ٻيا ڪهڙا پورهيت رهندا آهن؟

جواب: ڳوٺ ۾ ڪوري، موچي، ڌوٻي، حجم ۽ ٻيا پورهيت بہ رهندا آهن.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. ٻنيءَ ۾ هر ڪاهيندو آهي.

(i) ڊڪڻ (ii) لوهار ✓ (iii) هاري

2. چوني يا ڳهوٻو ٺاهيندو آهي.

(i) ڊڪڻ ✓ (ii) لوهار (iii) هاري

3. رازو ٺاهيندو آهي.

(i) مٽ ۽ دلا (ii) هر ✓ (iii) جايون

4. اسڪول ۾ پڙهائيندا آهن.

✓ (i) استاد (ii) شاگرد (iii) ڊاڪٽر

5. اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ ________ خدا جو دوست آهي.

(i) ڊاڪٽر (ii) عالم ✓ (iii) پورهيت

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڳوٺ | شهر | خوش | ناخوش |
| ڪاٺ | لوهہ | ڪَچو | پَڪو |
| سرڪاري | خانگي | نرس | ڊاڪٽر |

**(ھ) هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.**

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| دعوت | دعوتون | ڀاڄي | ڀاڄيون |
| دِلو | دِلا | مَٽُ | مَٽَ |
| سِر | سرون | آفيس | آفيسون |

**(و) صحيح جملي جي سامهون "✓" غلط جملي جي سامهون "×" جو نشان لڳايو.**

1. گرميءَ جي موڪلن ۾ ڪاشف، آفتاب جي گهر ويو. (✓)
2. مَٽَ، دلا ۽ ٻيا ٺڪر جا ٿانوَ لوهار ٺاهيندو آهي. (×)
3. جايون رازو ٺاهيندو آهي. (✓)
4. شهر ۾ گهڻا ماڻهو سرڪاري آفيسن ۾ نوڪريون ڪندا آهن. (✓)
5. اسان جي ڳوٺ ۾ ڪابہ سرڪاري اسپتال نہ آهي. (×)



**(ز) هيٺ ڏنل جملن ۾ مناسب لفظ وجهي خال ڀريو:**

۾ تي ڪان مان

1. ميز تي ڪتاب رَکُ.
2. مَٽَ مان پاڻي پيءُ.
3. ٿيلهي ۾ ڪتاب وِجُهہ.
4. اسلم ڪان پينسل وَٺُ.

سبق تيرهون

# علامہ اقبال رحمۃ اللہ عليه

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اباڻي | وڏن جي | ولايت | پرڏيهہ |
| سجاڳي | بيداري | تصور | خيال |
| مفڪر | فڪر ڪندڙ | چاهہ | پسند |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: علامہ اقبال ڪهڙي شهر ۾ ڄائو هو؟
جواب: علامہ اقبال سيالڪوٽ شهر ۾ ڄائو هو.
سوال2: علامہ اقبال ڪڏهن ڄائو هو؟
جواب: علامہ اقبال 9 نومبر 1877ع ۾ ڄائو هو.
سوال3: علامہ اقبال شروعاتي تعليم ڪٿي حاصل ڪئي؟
جواب: علامہ اقبال شروعاتي تعليم اباڻي شهر سيالڪوٽ ۾ حاصل ڪئي.
سوال4: علامہ اقبال ڪهڙو تصور ڏنو؟
جواب: علامہ اقبال پاڪستان جو تصور ڏنو.
سوال5: علامہ اقبال ڪهڙين ٻولين ۾ شعر لکيا؟
جواب: علامہ اقبال اردو ۽ فارسي ۾ شعر لکيا.
سوال6: علامہ اقبال ڪڏهن وفات ڪئي ۽ سندس مزار ڪٿي آهي؟
جواب: علامہ اقبال 21 اپريل 1938ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مزار لاهور ۾ بادشاهي مسجد جي ٻاهران آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. علامہ محمد اقبال ______ شهر ۾ پيدا ٿيو.
(i) گجرانوالہ ✓ (ii) سيالڪوٽ (iii) ڪراچي



2. علامہ اقبال اسان جي ملڪ جو وڏو ______ ٿي گذريو آهي.
✓ (i) شاعر (ii) ڊاڪٽر (iii) انجنيئر
3. علامہ اقبال اعليٰ ______ لاءِ ولايت ويو.
(i) ڪاروبار (ii) تحقيق ✓ (iii) تعليم
4. علامہ اقبال رحمۃ الله عليه 21 اپريل ______ع ۾ وفات ڪئي.
(i) 1837 ✓ (ii) 1938 (iii) 1939
5. علامہ اقبال ______ لاءِ ڌار وطن جو تصور ڏنو.
(i) هندن (ii) انگريزن ✓ (iii) مسلمانن

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| شهر | ڳوٺ | جمڻ | مرڻ |
| پيار | نفرت | ديسي | پرديسي |
| سادو | اوچو | | |

**(هـ) هيٺ ڏنل لفظ درست اُچارن ۽ رواني سان پڙهو.**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| عرش | عرض | انب | پاليو | فوت |
| مالڪ | وقت | جهان | فرض | حامي |
| هادي | پرورش | عادل | بهادري | رسيو |
| ڪنبي | گستاخي | ولايت | لڳاتار | مقبرو |
| هندورو | عظمت | تقريرون | مهمان | ڀهڪي |
| طعام | چوني | | | |

سبق چوڏهون

# سجُ

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪائنات | دنيا | روشن | صاف شفاف |
| خوراڪ | ڪاڌو پيتو | صورت | شڪل |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ڪائنات جي سڀ کان وڏي روشن شيءِ ڪهڙي آهي؟

جواب: ڪائنات جي سڀ کان وڏي روشن شيءِ سج آهي.

سوال2: سج ڪهڙي طرف کان اڀرندو آهي ۽ ڪهڙي طرف لهندو آهي؟

جواب: سج اوڀر کان اڀرندو آهي ۽ اولهه ۾ لهندو آهي.

سوال3: ڏينهن ۽ رات ڇو ٿيندا آهن؟

جواب: سج جي اڀرڻ ۽ لهڻ جي ڪري رات ۽ ڏينهن ٿيندا آهن.

سوال4: سمنڊ جي پاڻيءَ مان ڇا ٺهندو آهي؟

جواب: سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ بڻجي ڪڪرن جي صورت اختيار ڪندو آهي.

سوال5: مينهن ڪيئن وسندو آهي؟

جواب: سمنڊ جي ٻاڦ بڻيل پاڻي مان ڪڪر ٺهندا آهن جن مان مينهن وسندو آهي.

سوال6: موسمن ۾ ڦيرگهير ڇو ايندي آهي؟

جواب: سج جي ڪري ئي موسمن ۾ ڦير گهير ايندي آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. سج هن ڪائنات جي سڀ کان ______ شيءِ آهي.
(i) روشن ✓ (ii) اونداهي (iii) طاقتور



2. سج ______ کان اڀرندو آهي.
(i) اتر (ii) اولهه (iii) اوڀر ✓

3. سج ______ ۾ لهندو آهي.
(i) اتر (ii) اولهه ✓ (iii) اوڀر

4. ______ اڀرڻ سان ڏينهن ٿيندو آهي.
(i) ستاري (ii) چنڊ (iii) سج ✓

5. سج اسان جي لاءِ تمام ______ آهي.
(i) نقصان وارو (ii) فائدي وارو ✓ (iii) ٻئي

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| رات | ڏينهن | سردي | گرمي |
| روشني | اوندهه | اوڀر | اولهه |
| هيٺ | مٿي | فائدا | نقصان |


**(هه) تصوير ڏسي وقت ٻڌايو:**




صبح



منجهند



شام



رات

(و) صحيح جملي سامهون "✓" ۽ غلط جملي جي سامهون "×" جو نشان لڳايو.

1. سج هن ڪائنات جي سڀ کان روشن شيءِ آهي. (✓)
2. سڄي دنيا سج جي ڪري روشن آهي. (✓)
3. سج جي روشني ۽ توانائيءَ سان بجلي نہ ٿي ناهي وجي. (×)
4. زمين تي رهندڙ سڀ ئي جاندار چنڊ جي ڪري ئي جيئرا آهن. (×)
5. اسان کي گهرجي تہ سدائين الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريون. (✓)



سبق پندرهون

# پيچ پرولي (بيت)

پيچ پرولي، پيچ پرولي،
لڳي اولي پر آهي سولي.
مطلب لاءِ ڪر سوگهو پاڻ،
مُنهن ڏسي تون خيال ۾ آڻ،
دوست پيچي ڪر هي سهي،
ان کي چون ٿا آرسي.

حوالو: هي شعر "پيچ پرولي" مان ورتل آهي جنهن کي شمس الدين عرساڻي لکيو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر پرولي ڏيندي چوي ٿو تہ پرولي پيچڻ لڳي تہ ڏکي ٿي پر اها سولي آهي. ان جو مطلب سمجهڻ لاءِ پاڻ کي مضبوط رکو. پنهنجي منهن کي ڏسي خيال ۾ آڻيو. اي دوست ان کي پيچي ڪري صحيح ڪريو ان کي آرسي يعني شيشو چئبو آهي.

هُونئن تہ هُو گونگو چَوائي،
سڀ ڪجهہ ٻڌائي پاڻ نہ ڳالهائي،
ڏُور ڏيهہ کان اچي رڙهي،
خوش ٿين ٿا سڀ پَڙهي.
هاڻي تون هي سمجهہ تہ ڇاهي،
خط سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

حوالو: هي شعر "پيچ پرولي" مان ورتل آهي جنهن کي شمس الدين عرساڻي لکيو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر پرولي ڏيندي چوي ٿو ته هونئن ته هو گونگو چوائيندو آهي پر سڀ ڪجهه ٻڌائي ويندو آهي. پاڻ نه ڳالهائيندو آهي. پري ڪان اهو ڪهي ايندو آهي. ان کي پڙهي سڀ خوش ٿيندا آهن. هاڻي ته توهان سمجهي ويا هوندو. اهو خط آهي.ان کانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي.

### مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اولِي | ڏکي | سوگهو | مضبوط |
| آرسي | شيشو | ڏور | پري |
| ڏيهه | ملڪ، ديس | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هنن پرولين مان توهان کي ڪهڙي پرولي وڻي ٿي؟

جواب: اسان کي ٻي پرولي وڻي ٿي.

سوال2: ٻي پرولي ڇا بابت آهي؟

جواب: ٻي پرولي خط بابت آهي.

**(ج) هيٺ ڏنل لفظن جا پهريان آواز بدلائي نوان لفظ ٺاهيو.**

جيئن: اولي - **سولي**

ڀڳي **ٿڳي**

ڏُور **سُور**

گونگو **ڀونگو**

پڙهي **چڙهي**



**(د) هيٺيان خال ڀريو.**

1. لڳي اولي پر آهي **سولي**
2. مطلب لاءِ ڪر **سوگهو** پاڻ
3. ڏُور **ڏيهه** کان اچي رڙهي
4. **خط** سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي

سبق سورهون

# ڀُوٽا ۽ ڀاڄيون

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بيشمار | تمام گهڻا | خلقيون | پيدا ڪيون |
| سونهن | خوبصورتي | خوراڪ | کاڌو پيتو |
| مختلف | جدا جدا | سنڀال | خيال |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب ٻڌايو.**

سوال1: الله تعاليٰ اسان لاءِ ڪيتريون نعمتون خلقيون آهن؟

جواب: الله تعاليٰ اسان لاءِ بيشمار نعمتون خلقيون آهن.

سوال2: ڀوٽا ڪهڙن ڪمن لاءِ پوکبا آهن؟

جواب: ڪجھ ڀوٽا سونهن ۽ ساوڪ لاءِ پوکبا آهن ۽ ڪجھ ڀوٽا خوراڪ طور ڪم ايندا آهن.

سوال3: ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جو ڀاڄين لاءِ ڇا چوڻ آهي؟

جواب: ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڀاڄيون نه کائبيون ته ڪيتريون ئي بيماريون ٿي پونديون.

سوال4: ڪهڙين ڀاڄين جا پن کائبا آهن؟

جواب: پالڪ، ساڳ، سرنهن وغيره جا پن کائبا آهن.

سوال5: ڪهڙن ڀوٽن جون پاڙون کائبيون آهن؟

جواب: بصر، بهه، ڳاڙهي گجر وغيره ڀوٽن جون پاڙون آهن جيڪي کائبا آهن.

سوال6: ڀوٽو خوراڪ ۽ پاڻي ڪيئن حاصل ڪري ٿو؟

جواب: ڀوٽو پاڙ وسيلي خوراڪ ۽ پاڻي حاصل ڪري ٿو.

سوال7: ڀوٽي جي ٿڙ جو ڪهڙو ڪم آهي؟

جواب: ڀوٽي جي ٿڙ وسيلي ڀوٽي جي ٻين حصن تائين پاڻي پهچي ٿو.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. الله سائينءَ اسان لاءِ ______ نعمتون خلقيون آهن.
(i) مناسب (ii) ڪجھ ✓ (iii) بيشمار

2. ڪي ڀوٽا اسان جي ______ لاءِ ڪم اچن ٿا.
(i) توانائيءَ ✓ (ii) خوراڪ (iii) صحت

3. اسان جي ______ جي آبادي جيئن پوءِ تيئن وڌي رهي آهي.
✓ (i) ملڪ (ii) شهر (iii) صوبي

4. ان ڪري وڌ ۾ وڌ اناج ۽ ڀاڄيون پوکڻ ______ آهن.
(i) غيرضروري ✓ (ii) ضروري (iii) ڪجھ به نه

**(د) هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| پاڙ | پاڙون | ڀوٽو | ڀوٽا |
| ڀاڄي | ڀاڄيون | نعمت | نعمتون |
| ميوو | ميوا | بيماري | بيماريون |

**(هه) هيٺيان خال ڀريو.**

1. ڀاڄين کائڻ سان انسان **صحتمند** رهي ٿو.
2. ڀاڄيون جلد **هضم** ٿيندڙ خوراڪ آهن.
3. ڀوٽو پنن ذريعي **ساهه** کڻي ٿو.
4. ڀوٽو خوراڪ ۽ پاڻي **پاڙ** وسيلي حاصل ڪري ٿو.
5. ڀوٽا ڪيترن ئي **قسمن** جا ٿيندا آهن.
6. ڀوٽا پوکڻ **ثواب** جو ڪم آهي.

سبق سترهون

# صحت ۽ صفائي

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| دارومدار | ٻار، وزن | وهنجي | تڙ ڪرڻ |
| ناس | ختم | غذا | خوراڪ |
| سوادي | مزيدار | ٿهڪائي | اوٻاري |
| تندرستي | صحت | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب ٻڌايو.**

سوال1: صحت جو دارومدار ڇا تي آهي؟
جواب: صحت جو دارومدار صفائيءَ تي آهي.
سوال2: جسم جي صفائيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
جواب: جسم جي صفائيءَ لاءِ روزانو ڏندڻ ڪري ڏند صاف ڪجن، وهنجي ٻت صاف ڪري صاف ڌوتل ڪپڙا پائجن، ۽ صبح شام ورزش ڪرڻ گهرجي.
سوال3: ماحول ڪيئن صاف رکجي؟
جواب: ماحول کي صاف رکڻ لاءِ گهر، گهٽيون، اسڪول، روڊ رستا ڳوٺ شهر صاف رکجن.
سوال4: کاڌو کهڙو کائڻ گهرجي؟
جواب: کاڌو صاف سٿرو ۽ صحيح طرح سان پڪل کائڻ گهرجي.
سوال5: ميوا ڪيئن کائجن؟
جواب: ميوا ڌوئي ڪري کائجن.
سوال6: پاڻي کهڙو پيئڻ گهرجي؟
جواب: پاڻي صاف ۽ ٿهڪائي پيئڻ گهرجي.




**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. صحت جو دارومدار آهي:
(i) محنت تي (ii) خدمت تي ✓ (iii) صفائيءَ تي
2. ________ صاف رکڻ سان صحت سٺي رهندي.
✓ (i) ماحول (ii) شهر (iii) ملڪ
3. ننڍن ٻارن کي روزانو ________ پيارڻ گهرجي.
(i) پاڻي ✓(ii) کير (iii) جوس
4. اهڙيءَ طرح پاڻي به انسان لاءِ ________ آهي.
(i) مناسب ✓ (ii) ضروري (iii) غيرضروري
5. چوٽي آهي ته ________ هزار نعمت آهي.
✓ (i) تندرستي (ii) دولت (iii) شفقت

**(د) ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ تير سان ملايو:**

**جيئن:**
صحت → تندرستي
ٻت → بدن
اول → پهريان
سدائين → هميشه
گند → ڪچرو

**(هه) ٻڌايو ته ڪير ڇا پيو ڪري؟**


ٻار برش ڪري ٿو.


ٻار هٿ ڌوئي ٿو.


ٻار کير پئي ٿو.


ٻار ورزش ڪري ٿو.

(و) **ياد رکو ته:**

- تندرستي هزار نعمت آهي.
- صحت جو دارومدار صفائيءَ تي آهي.
- ڪم جي وقت ڪم ۽ راند جي وقت راند ڪجي.
- سدائين سنو سوچجي.
- سدائين سنو ڳالهائڻ گهرجي.
- صحت لاءِ صاف هوا، صاف پاڻي ۽ صاف کاڌو ضروري آهي.
- پنهنجي گهر سان گڏ پاڙي ۽ ڳوٺ جي صفائيءَ جو به خيال رکجي.



سبق ارڙهون

# نصيحت ڀريا ٻول

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حاضر | موجود | احترام | عزت |
| نصف | اڌ | ايمان | يقين |
| قدر | خيال | | |

**(ب) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| حاضر | غير حاضر | سچ | ڪُوڙ |
| غريب | امير | قيمتي | بي قيمت |
| سنو | خراب | | |

**(ج) هيٺ ڏنل بي ترتيب جملن کي ترتيب سان لکو.**

1. الله آهي حاضر هر هنڌ
   الله هر هنڌ حاضر آهي.
2. صفائي ايمان نصف آهي.
   صفائي نصف ايمان آهي.
3. ظلم جانورن نه ڪريو تي.
   جانورن تي ظلم نه ڪريو.
4. خيال پاڙيسرين جو رکو.
   پاڙيسرين جو خيال رکو.
5. ڪريو وقت جو قدر
   وقت جو قدر ڪريو.

**(د) تصوير ڏسي سادن سوالن جا جواب ڏيو.**







سوال: پهرين تصوير ۾ ٻار ڇا ڪري رهيا آهن؟

جواب: پهرين تصوير ۾ ٻار ڏندن کي برش ڪري رهيا آهن.

سوال: ٻئي تصوير ۾ ٻار ڇا ڪري رهيا آهن؟

جواب: ٻئي تصوير ۾ ٻار گند ڪچرو ڪچري دان ۾ ڦٽو ڪري رهيا آهن.



سبق اوڻيهون

# تصويري ڪهاڻي

**مشق**

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ٻئين تصوير ۾ ڪتي کي وات ۾ ڇا آهي؟

جواب: ٻئين تصير ۾ ڪتي کي وات ۾ هڏو آهي.

سوال2: ٽئين تصوير ۾ ڪتي کي پاڻي ۾ ڇا پيو نظر اچي؟

جواب: ٽئين تصير ۾ ڪتي کي پاڻي ۾ هڪ ٻيو ڪتو نظر اچي.

سوال3: چوٿين تصوير ۾ ڇا پيو ٿئي؟

جواب: چوٿين تصوير ۾ ڪتو ٻئي ڪتي سان وڙهڻ چاهي پيو.

سوال4: پنجين تصوير ۾ ڪتو ڇا ڪري رهيو آهي؟

جواب: پنجين تصوير ۾ ڪتي ڪان پنهنجو هڏو وات مان هيٺ پاڻي ۾ ڪري پيو.

سوال5: هن آکاڻي مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

جواب: هن آکاڻيءَ مان اها نصيحت ملي ٿي ته لالچ نه ڪرڻ گهرجي.

**(ب) هيٺين لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| ڪتو | ڪتا | هڏو | هڏا |
| آکاڻي | آکاڻيون | پاڇو | پاڇا |
| نصيحت | نصيحتون | | |

**(ج) هيٺيان خال ڀريو.**

1. هڪڙو **ڪتو** هو.
2. ان جي **وات** ۾ هڪ هڏو هو.
3. ان **پاڻي** ۾ پنهنجو پاڇو ڏٺو.

4. ان ڪي لڳو تہ پاڻي ۾ هڪ **ڪتو** آهي.
5. ان جي وات ۾ بہ **هڏو** آهي.
6. ان ٻئي ڪتي جو هڏو **ڪسڻ** چاهيو پئي.
7. پر ان جو پنهنجو **هڏو** بہ پاڻي ۾ ڪري پيو.
8. ان مان اها نصيحت ملي تہ **لالچ** بري بلا آهي.

**(د) عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏيو.**

اسان جي صوبي ۾ وڏا شهر بہ آهن تہ ننڍا شهر ۽ ڳوٺ بہ آهن. وڏن شهرن ۾ آبادي گهٽي ۽ ننڍن شهرن ۾ آبادي گهٽ هوندي آهي. شهرن ۽ ڳوٺن جا مسئلا بہ مختلف ٿين ٿا. وڏن شهرن ۾ سهولتون گهڻيون آهن. وڏا شهر واپار جا مرڪز هوندا آهن. اتي ماڻهو آفيسن ۾ نوڪريون ڪن ٿا، مزدور ڪارخانن ۾ ڪم ڪن ٿا. اتي هاءِ اسڪول ، ڪاليجون ۽ آفيسون بہ آهن. انهن ۾ بہ ماڻهو نوڪري ڪن ٿا.

**ٻڌايو تہ:**

سوال: گهٽي آبادي ڪٿي هوندي آهي؟
جواب: گهٽي آبادي وڏن شهرن ۾ هوندي آهي.
سوال: شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مسئلا ڇا جي ڪري ٿين ٿا؟
جواب: شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مسئلا آباديءَ جي ڪري ٿين ٿا.
سوال: واپار جا مرڪز ڪٿي هوندا آهن؟
جواب: واپار جا مرڪز وڏن شهرن ۾ هوندا آهن.



سبق ويهون

# دعا (بيت)

خدا يا اسان جون،
دُعائون اَگهائين.

حوالو: هي شعر ڪتاب ۾ شامل بيت "دعا" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.
تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله ڪان دعا گهري چوي ٿو تہ اي الله تون اسان جون دعائون قبول ڪر.

محمد ﷺ جي صدقي،
تو جڳ ڪي هلائين.

حوالو: هي شعر ڪتاب ۾ شامل بيت "دعا" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.
تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي الله هن جهان ڪي تون محمد ﷺ جي صدقي هلائين ٿو.

اسان جون سموريون،
اميدون پڄائين.

حوالو: هي شعر ڪتاب ۾ شامل بيت "دعا" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.
تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله ڪان دعا گهري چوي ٿو تہ اي الله تون اسان جو سموريون اميدون پوريون ڪر.

اسان جون اي خالق،
خطائون مٽائين.

حوالو: هي شعر ڪتاب ۾ شامل بيت "دعا" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.
تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله ڪان دعا گهري چوي ٿو تہ اي خلقيندڙ خدا اسان جون سڀ خطائون معاف فرماءِ.

سچائيءَ جي راهن،
تي هر دم هلائين.

حوالو: هي شعر ڪتاب ۾ شامل بيت "دعا" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله کان دعا گهري چوي ٿو ته اي الله اسان کي هر دم سچائي جي رستي تي هلاءِ.

اسان کي ئي مالڪ
تون منزل رسائين.

حوالو: هي شعر ڪتاب ۾ شامل بيت "دعا" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله کان دعا گهري چوي ٿو ته اي مالڪ اسان جي منزل تي پهچاءِ.

وطن جي محبت،
ڪي من ۾ وڌائين

حوالو: هي شعر ڪتاب ۾ شامل بيت "دعا" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله کان دعا گهري چوي ٿو ته اي الله اسان کي دلين ۾ وطن جي محبت کي وڌاءِ.

غلام محمد "غازي" کي
پنهنجو بنائين.

حوالو: هي شعر ڪتاب ۾ شامل بيت "دعا" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله کان دعا گهري چوي ٿو ته اي رب غلام محمد "غازي" کي پنهنجو بڻاءِ.



**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اگهائين | قبول ڪرين | اميدون | آسرا |
| خطائون | گناهه | هردم | هر وقت |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هي جهان ڪنهن جي صدقي هلي رهيو آهي؟

جواب: هي جهان اسان جي نبي سڳوري ﷺ جي صدقي هلي رهيو آهي.

سوال2: اسان جون اميدون ڪير پوريون ڪندو آهي؟

جواب: اسان جون اميدون الله سائين پوريون ڪندو آهي.

سوال3: اسان کي ڪهڙي راهه تي هلڻ جي دعا گهرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي سچائي جي راهه تي هلڻ جي دعا گهرڻ گهرجي.

**(ج) هيٺين لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| دعا | دعائون | وفا | وفائون |
| اميد | اميدون | راهه | راهون |
| خطا | خطائون | | |

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سچائي | ڪچائي | محبت | نفرت |
| چست | سست | سگهارو | هيٺو |
| ڪمزور | طاقتور | | |

**(هه) هيٺين لفظن جي صورتخطي درست ڪري لکو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| مالق | **مالڪ** | ڪطائون | **خطائون** |
| عميدون | **اميدون** | صدڪي | **صدقي** |
| رصائين | **رسائين** | مهبت | **محبت** |